# رحمت الهي جو حقدار بڻائڻ وارا عمل

## هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

(اسلامي ڀينرن جي لاءِ)

**01-June-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# رحمت الهي جو حقدار بڻائڻ وارا عمل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ سيدُنا سَهل بن سعد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن سرڪارِ نامدار، رسولن جا سردار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف فرما ٿيا، ان موقعي تي ابوطَلحہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ اڳتي وڌي عرض ڪيو، "يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ منهنجو ابو امان اوهان تي قربان! اڄ چهري مُبارَڪ تي خوشي جا آثار نمايان نظر اچي رهيا آهن. فرمايائون: بيشڪ هاڻي جبرئيلِ امين (عَلَیہ السَّلَام) مون وٽ آيو ۽ اُنهن چيو، اي محمد! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اعمال نامي ۾ ڏهه (10) نيڪيون لکندو ۽ ڏهه (10) گُناهہ مٽائيندو ۽ ڏهه (10) دَرَجا وڌائيندو. (القول البديع، ص ۲۴۲)

اُن پر دُرود جن کو کس بے کساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خبَر بے خبَر کی ہے

مختصر وضاحت يعني اسان آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي دُرود موڪليون ٿا جيڪي هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرو آهن ۽ اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي سلام موڪليون ٿا جيڪي اسان غافلن جي پرگهور لهن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاللهُ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ پست آواز سان جواب ڏيندس ❁ اجتماع کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس. جيڪو ڪجهه ٻڌندس ان کي ٻڌي ڪري سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس، دورانِ بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندس، نه بيان ريڪارڊ ڪندس نه ئي ڪنهن قسم جو آواز (ڇو ته ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **اڄ جي بيان ۾ اسان الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رحمت جا واقعا،** رَحمَت حاصل ڪرڻ جا طريقا ۽ رحمتِ الٰهي ڪان مَحرومي جا سبب ٻڌنداسين. اچو! سڀ ڪان پهريان هڪ **رحمت ڀري حڪايت** ٻڌون ٿا،

## جنت ۾ داخلا رحمتِ الٰهي سبب ٿيندي:

حضرت سيدُنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنه **فرمائن ٿا ته حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لَولاڪ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اسان وٽ آيا ۽ ارشاد فرمايائون:** "هينئر مون وٽ منهنجو خليل **جبريل** عَلَيه السَّلَام **آيو ۽ چيائين:** "**اي محمد** (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) **ان ذات جو قسم!** جنهن اوهان کي حق سان گڏ موڪليو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هڪ ٻانهي سمنڊ ۾ هڪ جبل جي چوٽي تي 500 سالن تائين عبادت ڪئي، ان جبل (Mountain) جي ويڪرائي ۽ لمبائي 30،30 هٿ هئي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ آڱر جيتري ويڪري مٺي نهر ڪڍندو جنهن ۾ آهستي آهستي مٺو پاڻي وهندو ۽ جبل جي هيٺ گڏ ٿي ويندو آهي ۽ هر رات ڏاڙهون جي وڻ مان هڪ ڏاڙهون نڪرندو، جڏهن شام ٿيندي ته هو هيٺ لهي وضو ڪندو ۽ اهو ڏاڙهون ڪٽي کائيندو هو، پوءِ نماز جي لاءِ بيهي رهندو هو، ان وفات وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪان سوال ڪيو ته هو سجدي جي حالت ۾ ان جو رُوح قبض فرمائي ايستائين جو (قيامت جي ڏينهن به) هو سجدي جي حالت ۾ ئي ڪنيو وڃي."

حضرت جبرئيل عَلَيه السَّلَام چيائين: جڏهن ان کي قيامت جي ڏينهن اُٿاريو ويندو ۽ هو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اڳيان بيهندو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي باري ۾ ارشاد فرمائيندو: "منهنجي ٻانهي کي منهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل ڪريو." هو عرض ڪندو: "اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بلڪ منهنجي عمل سان." **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: "منهنجي ٻانهي کي منهنجي رحمت سان جنَّت ۾ داخل ڪريو." هو ٻيهر عرض ڪندو: "اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! بلڪ منهنجي عمل سان."

www.dawateislami.net

تہ الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي فرمائيندو: ”منهنجي ٻانهي جي عمل جو منهنجي ڏنل نعمتن سان موازنہ (Compare) ڪريو.“ تہ اک جي نعمت ان جي 500 سالن جي عبادت جي برابر ٿيندي ۽ باقي جسم جون نعمتون ان کان وڌيڪ هونديون.

الله عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمائيندو: ”منهنجي ٻانهي کي جهنّم ۾ داخل ڪري ڇڏيو.“ تہ ان کي جهنم ڏانهن ونئي ويو، هو پڪاريندو: ”اي پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مون کي پنهنجي رحمت سان جنت ۾ داخل فرمائي.“ تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”ان کي واپس ونئي اچو.“ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ بيهاريو ويندو. پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ان کان پنهنجي انهن نعمتن جي باري ۾ معلوم ڪندو جيڪي ان کي سمنڊ جي وچ ۾ بلند جبل تي عطا ڪيون ويون هيون. تہ هو عرض ڪندو: اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! هي سڀ ڪجھ ڪرڻ وارو تون آهين.“ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو: ”هي سڀ منهنجي رحمت سان ٿئي تہ آهي ۽ مان پنهنجي رحمت سان ٿئي تو کي جنت ۾ بہ داخل ڪيان ٿو. پوءِ ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۾ داخل فرمائيندو.

حضرت جبرئيل عَلَيہ السَّلام عرض ڪيو: ”اي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! بيشڪ تمام شيون الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان ٿئي آهن.“ (مستدرڪ علي الصحيحين، ڪتاب التوبة والانابة، ج۵، ص۳۵۵، الحديث۷۷۱۲)

گناه گار طلبگارِ عفو و رَحمَت ہے
عذاب سہنے کا کس میں ہے حوصلہ یارَب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارِيون پيارِيون اسلامي ڀينرون! اوهان ڏٺو تہ پنج سو (500) سال جي وڏي عَرصي تائين مُسلسَل عبادت ڪرڻ واري نيڪ شخص کان بہ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ عدل ڪرڻ تي آيو تہ هو شخص بہ جهنّم جو حقدار ٿيو ۽ نيٺ الله عَزَّوَجَلَّ جي

رحمت جي صدقي ئي ان جو ڪم بڻجي ويو، هن واقعي مان هي مدني گل مليو ته ڪو شَخص ڪيترو ئي عابد ۽ زاهد (يعني عبادت گذار) ڇو نه هجي، ان کي پنهنجي عملن تي ڀروسو ڪرڻ بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمَت تي نَظَر رکڻ گهرجي، انهيءَ ۾ ان جي ڪاميابي جي ضمانت آهي. يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام ڪشاده آهي، مايوس ناهي موتائيندو بلڪ وڏي کان وڏي گناهگار جون ڪوڙ خطائون به معاف ڪندو آهي. سيپارو 25 سوره شُوريٰ جي آيت نمبر 25 ۾ ارشاد آهي:

وَهُوَالَّذِیۡ یَقۡبَلُ التَّوۡبَةَ عَنۡ عِبَادِهٖ وَیَعۡفُوۡا عَنِ السَّیِّاٰتِ وَیَعۡلَمُ مَا تَفۡعَلُوۡنَ ﴿۲۵﴾

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** ۽ اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي ٻانهن جي توبهه قبول فرمائي ٿو ۽ گناهن کان درگذر فرمائي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو جو ڪجهه توهان ڪيو ٿا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت بيحد ۽ بي حساب آهي، ان جا گنهگار ٻانها ڏينهن رات ان جون نافرمانيون ڪندا رهن، ان جي حقن جي لتاڙ ڪرڻ کان به نه ڪيٻائن پر پوءِ به هو ڪريم رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان کي مسلسل مهلت ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن اسان سچي توبه ڪريون ته اسان جي سموري خطائن کي معاف فرمائي رحمتن جي مزيد بارش ڪندي انهن گناهن کي به نيڪين سان بدلي ڇڏيندو آهي. اسان کي به گناهن کان بچندي نيڪين ۾ زندگي گذارڻ گهرجي، جيڪڏهن بتقاضاءِ بشريت ڪو گناهه ٿي وڃي ته توبه ۾ تاخير به نه ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان حُسنِ ظَن رکندي عفو و درگذر جي اُميد رکڻ گهرجي، جيئن ته

## ڪريمن ڪان به وڏيڪ ڪريم

هڪ اَعرابي بارگاهه رسالت ۾ عرض ڪيو: "يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! مخلوق جو حساب ڪير وٺندو؟" ارشاد فرمايائون: "الله تبارڪ وتعاليٰ" ان عرض ڪيو: "ڇا پاڻ وٺندو؟" پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: "ها" ته

www.dawateislami.net

هو اَعرابي مرڪڻ لڳو. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کان مرڪڻ جو سبب پڇيو تہ ان عرض ڪيو: ”ڪريم جڏهن ڪنهن تي قُدرت حاصل ڪندو آهي تہ معاف ڪندو آهي، جڏهن حساب وٺندو آهي تہ درگذر ڪندو آهي.“ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”اعرابيءَ سچ چيو، ٻڌي وٺو! الله عَزَّوَجَلَّ کان وڏو ڪو ڪريم ناهي، هو سڀني ڪريمن کان وڌيڪ ڪريم آهي.
(حڪايتين ۽ نصيحتين ، ص٦٣٧)

پوءِ ان اَعۡرَابِي عربي ۾ ڪجھ شعر پڙهيا، جنهن جو مفهوم ڪجھ ائين آهي:

(١) ڪريم جو حق جڏهن ڪنهن شخص تي متعين ٿي وڃي تہ هو پنهنجي عزت جي ڪري ان کي معاف ڪندو آهي.

(٢) هو نافرمان کان درگذر ڪري ان جا گناھ بخشيندو آهي جڏهن تہ ان جو گنهگار ۽ ڏوهاري هئڻ ثابت هوندو آهي.

میں نے مانا کہ سب سے بُرا ہوں کس کا ہوں؟ تیرا ہوں میں تِرا ہوں
ناز رحمت پہ مجھ کو بڑا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي بہ پنهنجي پالڻهار، هردم اسان تي رحمتون نازل فرمائڻ واري، مصيبتن کان بچائڻ واري ۽ اسان جي بخشش ۽ مغفرت ڪرڻ واري ربّ عَزَّوَجَلَّ کان هميشہ خير جي اُميد ۽ سنو گمان رکڻ گهرجي،

ياد رکو تہ! الله تعاليٰ کان سنو گمان(حُسنِ ظن) رکڻ واجب آهي. ان جي رحمت مان ڪڏهن مايوس نہ ٿيڻ گهرجي، هو قدرت وارو جنهن کي چاهي

www.dawateislami.net

جيئن چاهي نوازي ڇڏي، هو چاهي تہ ڪنهن هڪ گُناهہ تي اسان جي پڪڙ فرمائي ۽ چاهي تہ هڪ نيڪي تي ئي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بخشش ۽ مغفرت فرمائي ڇڏي. الله عَزَّوَجَلَّ گناهگارن کي آٿت ڏيڻ جي لاءِ انهن کي بخشش جي نويد (يعني خوشخبري) ٻڌائيندي سيپاري 24 سُوْرَةُ الزُّمَر جي آيت نمبر53 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾

**تَرْجَمو ڪنز الايمان:** تون فرماءِ اي منهنجا اهي ٻانهؤ جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي الله جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو، بيشڪ الله سمورا گناهہ بخشي ٿو. بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

## رحمتِ الٰهي سيني جي لاءِ آهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي ڪا حد نہ آهي ۽ ان جي رحمت نيڪ ۽ بد سيني کي ملندي آهي، منقول آهي، حضرتِ سيدُنا موسیٰ ڪليمُ الله عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيْه الصلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجي مناجات (دُعا) ۾ عرض ڪيو: ”يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! “الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ”لَبَّيڪ يا مُوسٰي!“ پاڻ عَلَيْه السَّلَام عرض ڪيو: ”ياالله عَزَّوَجَلَّ! تون تہ مالڪ آهين، منهنجي ڪهڙي حيثيت تہ تون مون کي لبيڪ چئي جواب ڏين. تہ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ”مون کي هي پسند آهي تہ ڪو ٻانهو مون کي ”يا ربّ“ پڪاري تہ مان ان کي ”لبيڪ“ چئي جواب ڏيان. ”حضرتِ سيدُنا موسیٰ عَلَيْه الصلوٰةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: ”يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! ڇا هي هر فرمانبردار ٻانهي جي لاءِ آهي؟“ ارشاد ٿيو: ”ها! بلڪ هر گنهگار ٻانهي جي لاءِ بہ آهي." تہ حضرتِ سيدُنا موسیٰ عَلَيْه الصلوٰةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: ”فرمانبردار جي لاءِ تہ ان جي اطاعت جي سبب آهي ۽ گنهگار تي هي ڪرم ڪهڙي سبب آهي؟“ تہ جواب ارشاد ٿيو: ”اي موسیٰ! جيڪڏهن مان ڀلائي ڪرڻ واري کي ان جي ڀلائي جو بدلو ڏيان ۽ بُرائي ڪرڻ واري تي ان جي بُرائي جي ڪري احسان نہ

ڪيان تہ منهنجو جُود و ڪرم ڪيڏانهن ويندو؟“ (حڪايتين ۽ نصيحتين، ص ٦٤١)

لاج رکھ لے گناہ گاروں کی نام رحمٰن ہے تِرا یا ربّ
عیب میرے نہ کھول محشر میں نام ستّار ہے ترا یا ربّ
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یا ربّ
سَبَقَتْ رَحْمَتِیْ عَلٰی غَضَبِیْ تُو نے جب سے سُنادیا یاربّ!
آسرا ہم گنہگاروں کا اور مضبوط ہو گیا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عوام ۾ موجود هڪ غلط فهمي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي رحيم ۽ ڪريم آهي، پر ان جو مطلب هرگز هي ناهي تہ ٻانها ان جون نافرمانيون ڪن، ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۾ سُستي ڪن ۽ پوءِ بہ ان جي رحمت سان اُميد لڳائي ويهن . ڄاڻي واڻي نمازون قضا ڪندا رهن ۽ هي ذهن بڻائي رکن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، بِلاعُذرِ شرعي رمضان المبارڪ جي مهيني جا فرض روزا ڄاڻي واڻي ڇڏيندا رهن ۽ هي ذهن بڻائن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان بخشش ۽ مغفرت جي اُميد ضرور هئڻ گهرجي، پر گڏوگڏ ئي نيڪ عمل بہ ڪرڻ گهرجن. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي باري ۾ ماڻهن ۾ هڪ غلط فهمي ڏٺي ويندي آهي تہ عام طور گنهگار ۽ بي عمل ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي دليل بڻائي پنهنجي پڪڙ جي باري ۾ بي فڪر ٿي ويندا آهن ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن تہ ”**اسان کي ڪامل يقين آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عذاب نہ ڏيندو، ان جي رحمت تمام وسيع آهي، اسان جيڪڏهن ٿورا گهڻا گناهہ ڪري بہ وٺون تہ ان جي رحمت جي خزانن ۾ گهٽتائي ٿوري ايندي؟** وغيره وغيره، ياد رهي! اهڙا خيال رکڻ وارن کي حديثِ پاڪ ۾ بيوقوف چيو ويو آهي.

www.dawateislami.net

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: عقل مند اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي پنهنجو تابعدار بڻائي ۽ موت جي لاءِ تياري ڪري ۽ بيوقوف اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي خواهشن جي پويان لڳائي ڇڏي ۽ (ان جي باوجود) الله عَزَّوَجَلَّ کان (سنيون) اُميدون رکي. (مشکوة ج٣ ، ص١٣٠،ح٥٢٨٩)

حضرت يحييٰ بن معاذ رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: "ڪا بي وقوفي ان کان وڌيڪ نہ هوندي تہ انسان دوزخ جو ٻج پوکي ۽ جنت جو فصل لڻڻ جي اُميد رکي، ڪم گناهگارن وارا ۽ مرتبو نيڪن جهڙو ڳولهيندو رهي."
(ڪيميائے سعادت، ج ٢،ص ٨١١ )

مرے گرچہ گناہ ہیں حد سے سوا مگر ان سے امید ہے تجھ سے رَجا
تُو رحیم ہے ان کا کرم ہے گوا وہ کریم ہیں تیری عطا کی قسم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! گناهن جي باوجود رحمتِ الٰهي کان بخشش جي اميد رکڻ جو **هڪ نقصان** هي ٿيندو آهي تہ انسان گناهن تي دلير (Bold) ٿي ويندو آهي ۽ گناهہ کان پوءِ شيطان جي طرفان اهڙي طرح جون منيون منيون ڳالهيون قبول ڪرڻ جي عادت، اڳوڻن گناهن تي شرمساري جي بدران آئنده گناهہ ڪرڻ جي جُرئت پيدا ٿي ويندي آهي. **ٻيو نقصان** هي ٿيندو آهي تہ اهڙي شخص کي نصيحت جي ڳالهہ بُري محسوس ٿيندي آهي ۽ مَعَاذَاللهِ عَزَّوَجَلَّ اهڙو شخص ڪڏهن تہ عذابات بابت آيتن ۽ حديثن کان بيزاري جو اظهار بہ ڪندو آهي. **ياد رهي!** تہ الله تعاليٰ جي رحمت جو يقين رکڻ واجب آهي، پر رحمت کي دليل بڻائي گناهن ۾ مشغول رهڻ بُرو ڪم آهي.

www.dawateislami.net

## خوش فهمي مان نڪرڻ جا ٻه (2) طريقا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن خوش فهمي مان نڪرڻ جي لاءِ ائين غور ۽ فڪر ڪريو تہ جيڪڏهن معاملو هميشہ ائين ئي ٿيندو تہ هر هڪ گناهگار کي رحمتِ الٰهي سان بخشيو ويندو تہ پوءِ هزارين مسلمان قبر جي عذابن ۾ ڇو گرفتار ٿين ٿا يا ٿيندا. ان کان علاوہ هي بہ ذهن نشين رکو تہ انبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياء عظام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰي کان وڌيڪ ڪنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو يقين نٿو ٿي سگهي، ان جي باوجود بہ هي نيڪ هستيون عبادت ۽ تلاوت ۽ نيڪ عملن جي ڪثرت ۾ هرگز سُستي نہ ڪنديون هيون، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ ڪير بارگاهِ الٰهي ۾ مقبول هوندو پر پوءِ بہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي سڄي رات عبادت ۾ مَشغُول رهندا هئا، جيئن

## شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان

اُمّ المومنين حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهَا فرمائن ٿيون تہ نور جا پيڪر، تمام نبين جا سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رات جو اُٿي نماز ادا ڪندا هئا ايستائين جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا قدم شريف سُڄي پيا. مون عرض ڪيو، ”اوهان ائين ڇو ڪندا آهيو؟ جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي سبب اوهان جي اڳين ۽ پوين جا گناهہ معاف ڪيا آهن.“ تہ ارشاد فرمايائون: ”ڇا مان الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر گذار ٻانهو ٿيڻ پسند نہ ڪيان.“ (بخاري، ڪتاب التهجد، باب قيام النبي حتي تر م قدماه ، ج١، ص٣٨٤، رقم ١١٣٠)

وہ شافعِ محشر ہے جو راتوں کو اُمّت کی محبّت میں روتا ہے سردار مدینے کا
غم خوار ہے، سادہ ہے مختار مدینے کا راتوں کو جو روتا ہے اور خاک پہ سوتا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته اسان کي نيڪ عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ گناهن کان بچندي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان بخشش جي اُميد به رکڻ گهرجي ۽ ان جي خُفيه تدبير کان به هروقت ڊڄڻ گهرجي. اچو! هاڻي ڪجهه اهڙن نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ته جنهن جي برڪت سان ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّجي رحمت جو حقدار بڻجي ويندو آهي، جيئن

## (1) ذڪر الله ڪرڻ

**رحمتِ الٰهي** جو مستحق بنائڻ وارو هڪ عمل الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪرڻ به آهي، ذِڪرُالله ۾ دِلين جو چين آهي، ذِڪرُ الله سان بيمارين ۽ رنج وغم کان نجات ملندي آهي، ذِڪرالله سان تنگدستي دُور ٿيندي آهي ۽ ذِڪرُ الله ڪرڻ وارو هر وقت رحمت خُداوندي جي ڇانو ۾ رهندو آهي، **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: جڏهن ڪو ٻانهو منهنجو ذِڪر ڪندو آهي ته مان ان سان گڏ هوندو آهيان، جيڪڏهن هو مون کي تنهائي ۾ ياد ڪندو آهي ته مان به ان کي اڪيلو ياد ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو منهنجو ذڪر ڪنهن مجمعي (Gathering) ۾ ڪندو آهي مان ان کان بهتر مجمعي ۾ ان جو ذِڪر ڪندو آهيان، جيڪڏهن هو هڪ گراٺ منهنجي ويجهو ٿيندو آهي ته منهنجي رحمت ان جي هڪ هٿ ويجهو ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن هو هڪ هٿ منهنجي ويجهو ايندو آهي ته منهنجي رحمت ان کان به هٿ ويجهو ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن هو مون وٽ هلندي ايندو آهي ته منهنجي رحمت ان وٽ ڀڄندي ايندي آهي.

(بخاري، ڪتاب التو حيد ،باب قول الله ويحذرڪم الله نفسه، رقم ۷۴۰۵ ،ج۴ ،ص ۵۴۱)

کاش لب پر مرے رہے جاری ذِکر آٹھوں پہر تِرا یاربّ
چشمِ تر اور قلبِ مُضطر دے اپنی اُلفت کی مے پِلا یاربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## (2) خوفِ خدا

رحمتِ الٰھي جو مستحق بنائڻ وارو هڪ عمل **خوفِ خدا** بہ آهي ،خوفِ خدا جي برڪت سان گناهن کان بچڻ آسان ٿي ويندو آهي، خوفِ خدا سان فڪرِ آخرت پيدا ٿيندي آهي، خوفِ خدا رکڻ واري کي بہ جنتون ملنديون، خوفِ خدا رکڻ واري کي سبز موتين جو محل عطا ڪيو ويندو، خوفِ خدا سان وهڻ وارو لڙڪ چهري جي جنهن حصي تي وهندو آهي اهو جهنّم تي حرام ٿي ويندو آهي.

حضرتِ سيدُنا نَضَربن سعد رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: ڪنهن جي اک مان خوفِ الٰهي مان لڙڪ وهندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي چهري کي جهنّم تي حرام ڪندو آهي. جيڪڏهن اهي لڙڪ ان جي رُخسار (Cheek) تي وهن تہ قيامت جي ڏينهن نہ هو ذليل ٿيندو ۽ نہ ان تي ڪو ظلم ٿيندو. ۽ جيڪڏهن ڪو غمگين شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف مان ڪجھ ماڻهن جي وچ ۾ روئيندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي روئڻ جي سبب انهن ماڻهن تي بہ رحم ڪندو آهي. لڙڪن جي علاوه هر عمل جو وزن ڪيو ويندو ۽ لڙڪ جو هڪ قطرو باھ جي سمندن کي وسامي ڇڏيندو آهي. (موسوعة للامام ابن ابي الدنيا،كتاب الرقة والبكاء، الحديث١۴،ج٣،ص١٧٢)

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3) قرآنِ ڪريم جي تِلاوَت

رحمتِ الٰھي جو مستحق بنائڻ وارو هڪ عمل **تلاوتِ قرآن** بہ آهي. قرآنِ ڪريم وَحيِ الٰهي آهي، هي الله عَزَّوَجَلَّ جو قُرب ماڻڻ جو ذَريعو ۽ هدايت جو مجموعو آهي، هي قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ وارن جي شَفاعت ڪندو،

www.dawateislami.net

قيامت جي ڏينهن تِلاوت ڪرڻ وارن کي نہ ڪجھ گھبراهٽ ٿيندي، نہ ئي انهن کان حساب ڪتاب ورتو ويندو، قرآنِ پاڪ جي تلاوت اَفضل عِبادت ۽ رحمت و برڪت جي نازل ٿيڻ جو ذريعو آهي، جيئن تہ حضرتِ سيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: "جنهن گھر ۾ قرآن پڙهيو ويندو آهي هو پنهنجي رهڻ وارن تي ڪشادو ٿيندو آهي، ان جي ڀلائي گھڻي ٿيندي آهي، ان ۾ ملائڪ حاضر ٿيندا آهن ۽ شيطان ان مان نڪري ويندا آهن. (احياء العلوم (مترجم) ، ج١ ، ص ٨٢٦)

نبي رحمت ،شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، " جيڪا قوم اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي گھرن مان ڪنهن هڪ گھر ۾ ڪتاب اللّٰه جي تلاوت ڪرڻ ۽ سکڻ ۽سيکارڻ جي لاءِ گڏ ٿيندي آهي تہ انهن تي سڪينو نازل ٿيندو آهي، انهن کي رحمت ڍڪيندي آهي، ملائڪ انهن کي (پنهنجن پرن سان) ڇهندا آهن ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملائڪن جي اڳيان انهن جي چرچو ڪندو آهي.
(مسلم، ڪتاب الذڪر والدعاء، باب فضل الاجتماع علي تلاوة القرآن، رقم ٦٨٥٣،ص ١١١٠)

## 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتہ وار مدني مذاڪرو"

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ ڪيتري قدر برڪت جو باعث آهي. جو هڪ گناهگار ٻانهي کي فقط نيڪ ماڻهن جي صحبت جي سبب بخشيو ويو. تنهنڪري اسان کي گھرجي تہ اسان برين صحبتن کان پري رهون ۽ هميشہ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحُول سان وابستہ ٿي ڪري ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ بہ نيڪ ماڻهن جي صحبت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتہ وار مدني مذاڪرو" ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي، مدني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي جو هن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَہ سان ڪيل مختلف سوالات جا دلچسپ جوابات جي صورت ۾ علمِ دين حاصل ٿيندو آهي ۽ علمِ دين جي فضيلت ۾ آيو آهي تہ حضرت سيدنا ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ

www.dawateislami.net

فرمائن ٿا: حضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي ابو ذر(رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ)! تنهنجو هن حال ۾ صبح ڪرڻ جو تون الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، هي تنهنجي سؤ رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ تنهنجو هن حال ۾ صبح ڪرڻ جو تون علم جو هڪ باب سکيو هجي، جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي يا نہ ڪيو ويو هجي تہ هي تنهنجي لاءِ هڪ هزار رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجه، ج. 1، ص. 142، حديث 219)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! هٿو هٿ نيت ڪريون ٿي تہ اسان بہ هر هفتي مدني مذاڪرو اول تہ آخر ڏسڻ کي يقيني بڻائينديون سين ۽ ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ مدني مذاڪرو ڏسڻ جي دعوت ڏينديون رهنديون سين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جون خوب خوب برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رحمتِ اِلٰهي کان مَحرومي جا سبب

### (1) گناهن جي سبب رحمتِ الٰهي کان محرومي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان رحمتِ الٰهي جو حقدار بنائڻ وارن عملن جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو **ذڪر ڪرڻ**، **خوفِ خدا رکڻ**، **تلاوتِ قرآن ڪرڻ**، **مسجدن سان محبت ڪرڻ ان ۾ نماز پڙهڻ** وغيره اهڙا عمل آهن جو ان جي برڪت سان ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جو حقدار بڻجي ويندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ نيڪ عمل ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ڇوتہ گناهن جي نحوست سان ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان محروم ٿي ويندو آهي جيئن

حضرتِ سيدُنا عبدالله بن علوي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ''الله عَزَّوَجَلَّ جي نظرِ رَحمَت کان محروم ٿيڻ ۽ ان جي ناراض ٿيڻ جي نشاني هي آهي تہ

www.dawateislami.net

ٻانهو گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. (رسالة المذاكرة مع الاخوان المحبين من اهل الخيروالدين (مترجم)، ص٤٣) ۽ هڪ گناهه جي نحوست اها ٿيندي آهي ته ٻانهو ٻين گناهن ۾ پئجي ويندو آهي تنهنڪري گُناهه چاهي ننڍو هجي يا وڏو ان کان بچڻ ئي ۾ عافيت آهي، حضرت سَيدُنا بلال بن سعد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ فرمائن ٿا: گُناهه جي ننڍي هئڻ کي نه ڏسو بلڪ هي ڏسو ته توهان ڪنهن جي نافرماني ڪري رهيا آهيو.
(الزواجر عن اقتراف الكبائر، مقدمة في تعريف الكبيرة، خاتمة في التحذير۔۔الخ، ١ /٢٧)

جيڪڏهن گُناهه جو اِرادو ڪرڻ وَقت اسان جي اها مدني سوچ بڻجي وڃي ته مان جنهن رَبّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪري رهيو آهيان هو ته مون کي هر وَقت هر حال ۾ ڏسي رهيو آهي ته اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اهڙي طرح ڪافي حد تائين گُناهن کان ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويندو. ياد رکو! سمورا ئي گناهه رحمتِ الٰهي کان محرومي جو سبب آهن، اڃو! ان مان ڪجھ گناهن جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

## (2)والدين جي نافرماني

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت کان محرومي جو هڪ سبب **والدين جي نافرماني** ڪرڻ، انهن کي تڪليف پهچائڻ، انهن جي خدمت کان محروم رهي پنهنجي بخشش ۽ مغفرت نه ڪرائڻ به آهي. رحمتِ عالَم، نُورِمجسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”(جبرئيل امين عَلَيه السَّلَام دعا ڪئي:) جنهن پنهنجي والدين يا ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي پاتو پر انهن سان سنو سُلُوڪ نه ڪيو ۽ جهنَّم ۾ داخل ٿي ويو ته اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي رحمت کان دُور ڪري. ته مون چيو: اٰمين.“ (المعجم الكبير،الحديث:١٢٥٥١،ج١٢،ص٦٦)

ڪس ڪے در پر ميں جاؤں گا مولا    گر تُو ناراض ہو گيا يا ربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!    صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! (اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي) والدين (Parents) سان ڀلائي

www.dawateislami.net

ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ والدين جي خدمت تمام ضروري آهي. والدين سان ڀلائي ھي آھي تہ اھڙي ڪا ڳالھ نہ چوي ۽ اھڙو ڪو ڪم نہ ڪري جيڪو انھن جي لاءِ تڪليف جو سبب ھجي ۽ پنھنجي بدن ۽ مال سان انھن جي خوب خدمت ڪري، انھن سان محبت ڪري، انھن وٽ ويھڻ اٿڻ، انھن سان گُفتگو ڪرڻ ۽ ٻين سمورن ڪمن ۾ انھن جو ادب ڪري، انھن جي خدمت جي لاءِ پنھنجو مال انھن کي خوش دِلي سان پيش ڪري ۽ جڏھن انھن کي ضرورت ھجي، انھن وٽ حاضر رھي. (صراط الجنان، ج۱، ص ۱۵۳)

اسان کي بہ گھرجي تہ پنھنجي والدين سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچون ۽ شريعت جي دائري ۾ رھندي انھن کي راضي ڪرڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪريون ڇوتہ انھن جي رضا ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ انھن جي ناراضي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي آھي.

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا

ورنہ ہے اِس میں خسارہ آپ کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (3)قطع رحمي

الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت کان محرومي جو ھڪ سبب رشتيدارن کان قطع رحمي (رشتيداري ٽوڙڻ) بہ آھي. تنھنڪري پاڻ کي رحمتِ الٰھي جو حقدار ۽ پنھنجي گھر ۽ مُعاشَري کي اَمن وارو بڻائڻ جي لاءِ پنھنجي قَريب رشتيدارن (عزيزن) سان حُسنِ سُلُوڪ ۽ صِلہ رحمي جي عادت بڻايو ۽ جيتري قدر ٿي سگھي قطع تَعلّقي کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوتہ ٻين گُناھن جو وَبال تہ صرف گُناھ ڪرڻ واري تي ئي ايندو آھي پر رِشتيداري ٽوڙڻ جي نحوست جي سبب سڄي قوم رَحمتِ الٰھي کان محروم ٿي ويندي آھي. جيئن تہ

حضرتِ سيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون حديث سڳوريون بيان ڪري رهيا هئا، ان دَوران فرمايائون: هر قاطِعِ رِحم(يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان اُٿي وڃي. هڪ نوجوان اُٿي پنهنجي ڦُڦي وٽ ويو جنهن کان ان جو ڪيئي سالن جو پُراڻو جهيڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا تہ ان نوجوان کي ڦڦي چيو: توهان وڃي هن جو سبب پُڇو، آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ جي اِعلان جي ڇا حڪمت آهي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پُڇا ڪئي تہ حضرتِ سيدُنا ابُوهرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنہ جن فرمايو تہ مون حُضُورِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان هي ٻڌو آهي: ”جنهن قوم ۾ قاطِعِ رِحم(يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) هجي، ان قوم تي اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت نازل ناهي ٿيندي.“ (اَلزَّواجِرُ عَنِ اقتِرافِ الکبائِر ج٢ ص١٥٣)

مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: جنهن قوم ۾ هڪ شخص پنهنجي عزيزن جي حق تَلَفي ڪندو هجي ۽ ٻيا ماڻهو ان جي انهيءَ گُناهہ تي مدد ڪندا هجن يا باوجودِ قُدرَت ان کي ان ظلم کان نہ روڪيندا هجن تہ هو تمام ماڻهو رحمت کان محروم آهن. (مراة المناجيح،٥٢٩/٦)

لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي رشتيدارن سان حُسنِ سُلوڪ ۽ صِلہ رحمي سان پيش اچون ۽ جيڪي رُٺل هجن انهن کي راضي ڪريون ۽ آئنده ڪنهن سان بہ قطع رحمي نہ ڪريون.

بھائی حق مت مارنا گھر بار کا
ورنہ ہوگا مستحق تُو نار کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول

اسان کي گناهن کان بچائڻ ۽ بزرگن جي سيرت اپنائڻ جو ذهن فراهم ڪري ٿو ۽ بزرگن جي عقيدت ۽ محبت ماڻهن جي دلين ۾ قائم رکڻ جي لاءِ انهن جي ڏهاڙا ملهائڻ ان مدني تحريڪ جو شاندار ڪارنامو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رمضان جو بابرڪت مهينو جاري آهي ۽ 10 رمضانُ المبارڪ اُمُّ المومنين حضرت سيدَتُنا خديجةُ الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي عرس جو ڏينهن آهي تنهنڪري هن مُناسَبَت سان حُصُولِ بَرَڪت ۽ نُزولِ رَحمَت جي لاءِ بيبي صاحبہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو مختصر طور ذڪرِ خير ٻڌون ٿا۔

## سيده خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو تعارف

سيده خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عامُ الفِيل کان 15 سال پهريان پيدا ٿيون. نالو خديجہ، والِد جو نالو خُوَيلِد ۽ امڙ جو نالو فاطمہ آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ڪنيت اُمُّ الْقَاسِم ۽ اُمّ هِند آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا لقب طاهره، سَيدَةُ قُرَيش، صِدِّيقہ ۽ "الڪبريٰ" آهن، بيبي سائڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو هي آخري لَقب نالي سان ايتري ڪثرت سان چيو ويندو آهي جو جڻ نالي ئي جو حصو هجي. سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عورتن ۾ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو، پاڻ خاتونِ جنت حضرتِ فاطمةُ الزهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي والِده ماجِده ۽ نوجوانانِ جنت جي سردار حضراتِ حَسَنَينِ ڪرِيمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي ناني سائڻ آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پنهنجي سڄي دولت حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن تي قربان ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي سڄي ڄمار حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمَت ڪندي گذاري. سندن جي حَيات ۾ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن ٻي سان نِڪاح نہ ڪيائون. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا تقريباً 25 سالن تائين حُضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شريڪ حيات رهيون ۽ اعلانِ نبوت جي ڏهين سال رمضانُ المبارڪ جي مهيني ۾ وصال فرمايائون ۽ (جَنَّتُ الْمَعْلٰی) ۾ مدفون ٿيون.

www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان ۾ اسان رحمتِ الٰهي جو مستحق بڻائڻ واري اعمال جي متعلق ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي جيئن تہ اسان ٻڌو

- الله جو ذڪر ڪرڻ رحمتِ الٰهي جو سبب آهي.
- درود شريف جي ڪثرت ڪرڻ بہ رحمتِ الٰهي جي حصول جو ذريعو آهي.
- مسلمانن کي سلام ڪرڻ رحمتِ الٰهي جي نزول جو سبب آهي.
- قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ بہ رحمتِ الٰهي پائڻ جو ذريعو آهي.
- پنهنجي دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ بہ رحمتِ الٰهي پائڻ جو ذريعو آهي.
- الغرضِ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ وارو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مغفرت ۽ رضا جو حقدار قرار پائيندو آهي ان جي برعڪس جيڪي گناهن ۾ پنهنجو ڏينهن رات گذاريندو آهي اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان محروم ٿي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان جي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت، ڪجهہ سنتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي. تاجدارِ رسالت، شهنشاهہ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

اچو! شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي ”163 مدني گل“ سان هلڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

## هلڻ جون سنتون ۽ آداب

❁ سيپاري 15 سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۰

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

❁ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص ٻہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156حديث 2088) ❁ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجهہ اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمديہ للترمذي ص 87 رقم 118) ❁ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو. ❁ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❁ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي، ❁ رستي تي ٻہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي

www.dawateislami.net

وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداؤد ج 4 ص 480 حديث 5273) ❁ ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لکائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net